# نيڪتاءِ وارو ڪُتو هاليِوڊ ۾

ليکڪ : ڊاڪٽر ستيش روهڙا

سنڌيءَ جي مشهور ڪھاڻيڪار لکمي کلاڻيءَ جي هڪ ڪھاڻي آهي ’نيڪتاءِ‘.
هن ڪھاڻي جو مکيه ڪردار هڪ پروفيسر آهي جيڪو پنھنجي ڪنھن اڪيڊمڪ ڪم سان لنڊن ۾ آيل آهي ۽ لنڊن ۾ پنھنجي هڪ ننڍپڻ جي يار سان گڏجڻ تي ڏسي ٿو ته اهو دوست لنڊن ۾ ڪافي شاهه ٿي ويو آهي. ڳالهيون ڪندي اهو دوست پروفيسر کي پنھنجي ڏنڌي ۾ ڀائيواريءَ جي آڇ ٿو ڪري. ان ڀائيواريءَ سبب جيترو ڏن ۽ سک- سهولتيون ملنديون، انهن جو سوچي پروفيسر جي به دل سرڪي ٿي ۽ هو هندوستان ۾ پروفيسري ڇڏي پنھنجي هن دوست سان لنڊن ۾ اچي ڀائيوار ٿي رهڻ جي ڳالهه قبولي ٿو. ٻئي ڏينهن صبوح جو ٻئي دوست پاسي واري باغ ۾ گهمي رهيا آهن. پروفيسر پنھنجي سياو موجب گهمڻ لاءِ ڪڙتو - پاجامو پاتو هو جڏهن ته سندس دوست ان وقت به سوٽ ڪوٽ ۽ نيڪتاءِ لڳائي نڪتو هو. جنهن وقت هيءُ ٻئي دوست باغ ۾ گهمي رهيا هئا ان وقت ڪنهن انگريز جو ڇڙواڳ ڪتو ڪڙتو پاجامو پاتل پروفيسر جي مٿان اُلر ڪري ٿو اچي کيس چڪ پائي ٿو وٺي. ان گهٽنا سبب اهو پروفيسر لنڊن ۾ اچي رهڻ جو پنھنجو فيصلو رد ڪري ٿو. جو لنڊن ۾ سچو وقت نيڪتاءِ جو پٽو پائي گهمڻ کيس قبول نه آهي...........

اها ڪھاڻي پڙهڻ وقت مون اهو نه سوچيو هو ته اها ساڳي گهٽنا ائمريڪا ۾ به دهرائبي ۽ ان وقت ڪڙتو پاجامو پاتل اهو پروفيسر مان هوندس!

٢٥ جولاءِ ٩٦ تي مون ۽ لکمي کلاڻي ائمريڪا جو دورو شروع ڪيو هو شڪاگو، هوسٽن، سئنفرسسڪو مان ٿيندا اسين لاس اينجلس ۾ پهتاسين. لاس اينجلس ۾ گهمڻ لاءِ به هنڌ مشهور آهن - هڪ هاليوڊ جو يونيورسل اسٽيوڊيو ۽ ٻيو ڊزني لئنڊ.

لاس اينجلس اچڻ واري جي اهي ٻئي هنڌ نہ ڏٺا تہ چئبو ان لاس اينجلس نہ ڏٺو. اسان کي تڪليف اها هئي تہ اسان وٽ رڳو هڪ ڏينهن خالي هو ۽ انهن ٻنهي هنڌن مان هر هڪ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڏينهن ضرور گهربل هو. اسان ٻڌزني لئنڊ ڏسڻ جو فيصلو ڪيو. پر قسم ڳٽڻ جهڙا ٿيون تہ اسان هاليوڊ بہ ڏٺو، ان ڪري شام جو ٻہ ٽي ڪلاڪ هاليوڊ اسٽيوڊيو سان لاڳو رهائشي ايراضي هاليوڊ بليوارڊ ڏسڻ لاءِ نڪتاسين. هاليوڊ اسٽوڊيو جي پر ۾ هئڻ سبب هتي ڪافي فئنسي قسم جا ماڻهو رهندا آهن.

ائمريڪا جي هن دوري ۾ مان سڄو وقت ڪڙتو پاجامو پائندو رهيو آهيان ان ڪري مون کي ان وقت شام جو بہ ڪڙتو پاجامو پيو هو ۽ لکميءَ کي هميشه موجب سوٽ ۽ بشرٽ هئي. اسين هاليوڊ بليوارڊ ۾ فوٽ پاٿ تان وڃي رهيا هئاسين. ايتري ۾ مون کي سامهون هڪڙو گورو (ائمريڪن الائي انگريز) چڱي هڪ سگهاري ڪاري ڪتي کي زنجير سان پڪڙي ايندو نظر آيو. هيءُ نظارو لکمي جي کهاڻي ’نيڪتاءِ‘ جي نظاري سان بلڪل نيڪ نهي ٿي آيو ۽ ڏسو - حد ٿي وئي! منهنجي پرسان لنگهندي ڪتي مون ڏانهن منهن ڪري ڀونڪيو ۽ مون تي الر ڪري آيو ۽ چاڪاڻ جو مون کي ڪتي جي ان حرڪت جي اڳم ئي شنڪا هئي ان ڪري ڪتي جي اُلر کان اول ئي مان فٽ پاٿ تان ٽپو ڏئي هيٺ لهي ويس ۽ ان ڪتي جي پهچ کان پري ٿي ويس. ائين لکميء جي لنڊن جي کهاڻي ’نيڪتاءِ‘ وارو ڪتو ائمريڪا جي لاس اينجلس ۾ بہ اچي پهتو.

لڳي ائين ٿو تہ هندوستانين جو ڪڙتو پاجامو گورن سان گڏ گورن جي ڪتن کي بہ منجهائي ٿو ڇڏي ۽ ان مونجهاري سبب الرون ڪرڻ ٿا لڳن. اڳي تہ چڪ بہ پائي وندا هئا پر هاڻي ڪڙتي پاجامي وارا بہ ساوڌان ٿي ويا آهن ۽ ڪين چڪ پائِڻ جو جو موقعو ڪونہ ٿا ڏين.